# پنهنجا بيٽ بچايو!

فاطمہ پٽو

---

ڀندار ۽ بدو ٻيٽن ڏانهن ويندڙ رستن تان لنگهندي دل ۾ اِهو خيال ڪَر ڪٽي ٿو تہ اتي جيڪو ڪجهہ بہ ڏسڻو آ ڏسي ونجي. انهن ٻيٽن جي فضا مان جيڪو لطف ماڻڻو آ، ماڻي ونجي جو اهڙو موقعو وري اچي نہ سگهي. پوئين ڇهہ صدين کان آباد مهاڻن جي ڳوٺ ابراهيم حيدري ۾ رستن جي پاسن تي ننڍڙيون بازارون موجود آهن، جن جي سيمينٽ سان اڏيل ننڍڙن ننڍڙن دڪانن ۾ ضرورت جي هر شيءِ مليو وڃي. گوشت کان ويندي پان مصالحي جي پڙين تائين انهي ڳوٺ ۾ سمنڊ جي پير جي نالي سان ننڍا ننڍا قبا پڻ موجود آهن. جلد ئي ابراهيم حيدري ۽ ان جا رهواسي اکين کان اوجهل ٿي ويندا. ڇو تہ علائقي ۾ ترقي ٿي رهي آهي، اوسر جو عمل جاري آهي ۽ ترت ئي انهن غريب پاڪستانين کي اتان لڏڻو پوندو، ڇو تہ سرمائيداري جو عفريت پنهنجا پر پکيڙي رهيو آهي ۽ ان جي اها پکيڙ انهن غريبن کي اتان لوڏي رهي آهي.

ڪيترائي سال گذرڻ جي باوجود ابراهيم حيدري ڳوٺ کي سنڌ حڪومت پاران ريگيولر ناهي ڪيو ويو، اتان جي رهواسين کي اجان توڻي پنهنجن اجهن جا ليز آرڊر ناهن ملي سگهيا. انهن ماڻهن جي حيرت جو اندازو ڪير لڳائي سگهندو، جيئن هنن کي خبر پئي هوندي تہ دبئي جي هڪ وڏي اڏاوتي ڪمپني "عمار" پوئين سال ظاهر ٿي ۽ ان کي تڪڙ ۾ ڀندار ۽ بدو ٻيٽن جي ليز بہ ملي وئي. بندرگاهن ۽ جهاز راني جي وفاقي وزير ۽ بينڪار وزيراعظم سان ٿيل ناهہ هيٺ عمار ڪمپني ڀندار بنايو ويندو. جتي وڏا هوٽل هوندا، رهائشي اپارٽمينٽ ڪمپليڪس هوندا ۽ اتي ٿيم پارڪ پڻ اڏايو ويندو. شوڪت عزيز جو هڪ صلاحڪار اشفاق حسين خان مستقبل جي انهي خواب ۾ ڪوئجي چئي ٿو، ”اِهو جڻ تہ دبئي هوندو“ ۽ انهي جو نالو رکيو ويو آ ”ڊائمنڊ بار آءِ ليند“.

هزارين مهاڻن کان نہ رڳو انهن ٻيٽن تي وڃڻ جو حق کسيو ويندو پر انهن کي هنن ٻيٽن جي آس پاس سمنڊ ۾ مڇي مارڻ جي اجازت بہ نہ هوندي. مهاڻن لاءِ اهو ممڪن ئي نہ هوندو تہ اهي 12 هزار ايڪڙ ايراضي کي ڦيرو ڏئي پنج ڪروڙ ڊالرن جي خرچ سان ٺهيل پل، جيڪا ڊفينس فيز 8 کي انهن ٻيٽن سان ڳنڍيندي، وسيلي سمنڊ تائين پهچڻ ۾، ايترو تہ وقت لڳندو جو انهن جو سمنڊ تائين وڃڻ بيڪار ٿي ويندو. مهاڻن کي تہ هونئن بہ اهو چيو ويو آ تہ حفاظتي معاملي جي ڪري ڪيس انهي پاڻي ۾ مڇي مارڻ جي اجازت نہ هوندي. حفاظتي معاملا يا وري اهو خيال تہ انهن غريب مهاڻن جي موجودگي انهي سڄي منظر کي ڪوجهو بڻائي ڇڏيندي.

پاڪستان فشر فوڪ فورم ڪراچي جي صدر مجيد موٽلاڻي چواڻي تہ انهن وڏين هوٽلن ۾ رهڻ وارن وڏن ماڻهن کي غريبن کان بچاءَ جي ضرورت تہ پوندي. موٽلاڻي کي اڇي شلوار قميص اوڍيل هئي ۽ ڪرائيءَ تي هڪ ڪاري پٽي ٻڌل هُئي، اسان ابراهيم حيدري جي ننڍي مڇي بندر تي بيٺا هئاسين ۽ اسان جي نظرن آڏو مهاڻن جا ڪيترائي آسماني رنگ جا هوڙا ۽ ٻيڙيون نقطن وانگر پکڙيل آهن. فشر فوڪ فورم موجب دنيا ۾ ويهہ ڪروڙ ماڻهن جو روزگار مڇي مارڻ آهي، انهن مان گهڻن جو واسطو اسرندڙ ملڪن سان آهي ۽ پاڪستان ۾ صرف ڪراچي اندر بہ لک مهاڻا رهن ٿا. ڊائمنڊ بار آءِ ليند رٿا لاءِ صرف ماهيگيرن جي ئي قرباني نہ پر پاڪستان جو ماحولياتي نظام پڻ برباد ٿي ويندو. عربي سمنڊ ۾ پاڪستان جي سامونڊي حدن اندر لڳ ڀڳ ٽي سؤ ٻيٽ آهن، اهي ٻيٽ گهڻو ڪري غير آباد آهن، انگ اکرن موجب انهن تي صرف 20 سيڪڙو آبادي ريڪارڊ ٿيل آهي. انهن ٻيٽن تي تمر جا ٻيلا آهن. تمر جا اهي ٻيلا سامونڊي جيوت جي نرسري آهن، انهن ٻيلن ۾ وڏي تعداد ۾ سامونڊي جيوت حفاظت سان زندگي گذاري ٿي، ادا ذوالفقار تہ انهن ٻيٽن تي ٿيل ماحولياتي تباهي کي غور سان پئي جانچي ڏٺو. ماحولياتي تباهي جو عمل شروع ٿي چڪو آهي ۽ ٻيٽن جي ڪيترن ئي حصن کي قدرتي حسن کان محروم ڪيو ويو آهي. تمر جي ٻيلن جي تباهي جو سڌو سنئون اثر ماهيگيرن تي پوندو، ڇو تہ جهينگا گهڻو ڪري انهي تمر جي ٻيلن واري علائقي ۾ ئي ملندا آهن. باقي ٻين ماڻهن تي بہ انهن جو اثر ڪنهن نہ ڪنهن نموني تہ پوندو ئي.

اسان ٻيٽن کي ڏسڻ لاءِ پنڌ هلڻ لڳاسين. عمار پاران ڪم جي افتتاح جي پيش نظر اتي وي آءِ پي ڪمرا ٺهي چڪا آهن. هلندي هلندي ذوالفقار مون کي 2004ع جي سونامي جي ياد ڏياري. هن ماحوليات جي ماهر وانگر پئي ڳالهايو. تمر جا اهي ٻيلا سمنڊ جي لهرن ۽ زمين جي وچ ۾ هڪ قدرتي رنڊڪ آهن. جي اهي ٻيلا نہ هجن ها تہ انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ انهي پاسي آيل سونامي طوفان ۾ اجل جو شڪار ٿيل ماڻهن جو انگ هزارن بدران ڪروڙن ۾ هجي ها. ذوالفقار پشيماني واري انداز ۾ مون کي ٻڌايو پئي تہ پاڪستان فطري حسن جي تباهي ۾ عمار ڪمپني جو ساٿ ڏئي ”راسر ڪنوينشن“ جي ڀڃڪڙي پيو ڪري. ساموندي ڪنارن بابت انهي ناهہ تي پاڪستان بہ 152 ملڪن سان گڏ صحيحون ڪيون هيون. 1971ع ۾ ٿيل ”راسر ڪنوينشن“ تي صحيحون ڪندڙ ملڪ پاڻيءَ جي ڪناري وارن علائقن جي ماحولياتي، معاشي ۽ سائنسي اهميت جي پيش نظر قدرت جي انهيءَ اڻ ملهہ تحفي جي حفاظت ۽ انهن جي قدرتي سونهن کي برقرار رکڻ جا پابند آهن. اسان تہ اڳي ئي ڪيترا ڀيرا راسر ناهہ جي ڀڃڪڙي ڪري چُڪا آهيون. حب کان وٺي پنيور تائين موجود تمر جي ٻيلن جو 55 سيڪڙو کان وڌيڪ حصو اڳي ئي تباهہ ٿي چڪو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ هينئر ٿي رهيو آهي، ان مان ائين ٿو لڳي جڻ اسان باقي بچيل تمر جي ٻيلن جي واڍي لاءِ ڪهاڙا ڪنيو بيٺا آهيون.

انهي کان سواءِ هميشہ وانگر ٻيو معاملو آهي انهن ٻيٽن جي لڳايل قيمت جو ڪراچي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي اڳوڻي چيئرمين حاجي شفيع ڄاموٽ طنزيہ مرڪ مرڪندي چيو، ”اسان ماهيگير تہ اهو ڪرڻ لاءِ بہ تيار هئاسين تہ هي ونو پئسا ۽ وجي پاڪستان تي چڙهيل ٻاهريان قرض لاهيو، اسان پاڪستان لاءِ اها قرباني ڏيڻ لاءِ بہ تيار آهيون، پر مسئلو اهو آهي تہ ڪنهن کي بہ خبر نہ پوندي تہ اهي پئسا ويا کهڙي کاتي ۾ ۽ انهن کي ڪٿي سيڙايو ويندو.“ مون انهي تي چوڻ چاهيو پئي تہ ”يا ڪنهن سان گڏ“ پر انهي کان اڳ ئي موٽلاٽي ڳالهائڻ شروع ڪيو: جڏهن ڊفينس ويجهو گذري ڪريڪ جي زمين حاصل ڪئي وئي تہ اتي ترقياتي رٿائن جي نالي موڙي گڏ ڪئي وئي تنهن جا ٽي حصا مليا سنڌ حڪومت کي ۽ باقي ست حصا مليا ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي کي. اها ڳالهہ چئي هو ٿوري دير لاءِ ماٺ ٿي ويو. جڻ تہ اسان کي اهو ياد ڪرڻ جو موقعو ڏيندو هجي تہ ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي جو لاڳاپو پاڪستان آرمي سان آهي. موٽلاٽي وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”اسان ماهيگيرن کي اجا توٽي

ناهي ٻڌايو ويو نہ ئي ڪا اهڙي رپورٽ پڌري ڪئي آ تہ اهي 43 ارب ڊالر ڪيئن خرچ ٿيندا. ڇالا اها غير شفافيت چو آ؟ هميشہ ائين ڇو ٿو ٿئي؟ انهي ڳالهہ تي ڪجهہ ڪچڙ ڪي تہ سيني اڄايو تي سمجهيو تہ ڇالا سنڌ سرڪار ماهيگيرن کي پهچندڙ نقصان جي ازالي طور ڇا پئي ڏئي. حڪومت بہ انهي معاملي تي خاموش آهي. سرڪار تہ بس اها اميد رکيو ويٺي آهي تہ ”عمار جهڙي وڏي ڪمپني سان واڳجي وڃجي، ان سان پاڪستاني زمين جي هول سيل وڪري کي قانوني تحفظ بہ ملي ويندو ۽ انهن جي ساک بہ سڌري ويندي.“ عمار ڪيتري وڏي ڪمپني آ ۽ ان جو ڪاروبار ڪيترو پکڙيل آهي ان جو اندازو تہ انهي ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سال 2006ع ۾ ڪمپني جو نج منافعو 12 ارب ڊالرن کان مٿي هو. (پاڪستاني رپين ۾ هڪ ڪرب 20 ارب) ظاهر آ گڏيل عرب امارات جي بهترين اڏاوتي ڪمپني جو اعزاز رکندڙ ادارو ايترو تہ ڪمائي سگهي ٿو.

ڊائمنڊ بار آئليند جي ٽيرنهن سالن واري رٿا سان گڏوگڏ عمار فيشن جي دنيا ۾ وڏو نالو رکندڙ ڪمپني ”جارجيو ارماني“ سان گڏجي دنيا ۾ ڏهہ ارماني هوٽلون ۽ وندر جا ماڳ اڏڻ جون تياريون بہ پئي ڪري، وندر جون اهي جايون ۽ هوٽل جن شهرن ۾ اڏيا ويندا تن ۾ نيويارڪ، شنگهائي ۽ ٽوڪيو بہ شامل آهن. ڇالا جي اها ترقي ناهي تہ پوءِ آخر ترقي ٿيندي ڇاهي؟ بينڪارن ۽ وزيرن جون دليون تہ اهو سوچي ئي گد گد ٿي ويندييون هونديون تہ ڪراچي ۾ بہ ارماني جو هوٽل هوندو. شايد اهو هوٽل ڪراچي جي ڪنهن ڪچي آبادي کي ڊاهي ناهي سگهجي ٿو.

ڏينهن انهن جزيرن ۾ گذاري واپس پئي موٽياسين تہ ابراهيم حيدريءَ جون بازارون سڄي ڏينهن جي ڪم ڪار کان پوءِ بند پئي ٿيون. ٻار پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن پئي ويا ۽ ڪليل مڇي مارڪيٽ ۾ تازو ئي پڪڙجي آيل مڇيون ۽ ٻي ساموندي غذا کي رکيو پئي ويو.

هڪ ٻي شي جنهن تي منهنجي نظر اٽڪي پئي، ڀت تي لکيل هڪ نعرو هيو. ڪارن اکرن ۾ لکيل اهو نعرو هيو. ”ماهيگيرو ٻڌي ڪريو، پنهنجا ٻيٽ بچايو“.

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books